



P.O.Box 10, Adipur (Kutch) 370 205, Phone: (02836) 263851, E-mail : contact@sindhology.org & sindlogy@yahoo.com website : www.sindhology.org

Editor : Lakhmi Khilani Subscription Rs. 250/- (For Ten Years), Price Rs. 10/- Jul. - Sep. - Dec. 2013 Vol. 12 No. 46 & 47

# TOLANI VIDYA MANDIR
## An Oasis of knowledge in the Desert of Kutch


Kaka Pribhdas S. Tolani (1893 - 1988) was a well known landlord in Larkana (Sindh). After partition of the country, he migrated to Bombay and entered into Construction and Shipping business. With his enterprising acumen, hardwork, sincerity of purpose, he earned huge fortune, and regained his lost ground.

Kaka Tolani was put in jail in Pakistan after the partition of the country in 1947, on false charges of Espionage, because he refused to leave his motherland Sindh, and bequeath his ancestral property of land and buildings, to Mohajirs, the new occupants who had swarmed into Sindh.

After 100 days in prison he was forced to leave the country, surrendering all his possessions. He entered India empty handed. While still lodged in the jail, Kaka had vowed if ever he regains the resourses, he would donate his wealth, for the service of mankind through Education. For Kaka always believed that by giving education you give the person food for life time, as well the light of wisdom, to charter his own course to freedom.

After regaining his fortune Kaka remembered his promise given to God, during his imprisonment.


Mrs. J. H. Kanal


Kaka Pribhdas Tolani


Mrs. Anjana Hazari

The opportunity soon came, when his two old friends from the same Larkana town Dada Hundraj Dukhayal and Dada Hari Daryani Dilgir invited him to come to Kutch to provide higher education in this backward area. The new township of Adipur-Gandhidham was being developed after the partition of the country for uprooted Sindhis by Sindhu Resettlement Corporation on the land bestowed by benign Maharao of Kutch, at the behest of Father of Nation, Mahatma Gandhi. Both Dukhayal and Dilgir, the eminent






cont. from page 1
stalwarts of Sindhi community had extended their helping hand to Bhai Pratab Dialdas, the founder of Gandhidham township, in rehabiliating Sindhis on this desolate, barren land infested with snakes and scorpions.

Kaka gave careful thought to the proposal of his friends, inspite of the misgivings of his family. He convinced them that in Bombay there will be so many people to do this work but Kutch is a place where there is actual need for growth in higher education.

In 1967, Kaka willingly accepted the challenge and took over the reins of Gandhidham Polytechnic and Arts College which were being run by Gandhidham Maitri Mandal (established by Bhai Pratab) but were facing severe financial crunch.

Kaka upgraded the Institute into 'Tolani Foundation Gandhidham Polytechnic' and added Mechanical and Electrical courses besides the existing Civil Course. Science faculty was added in the Arts College in 1969, and both the colleges started functioning in new buildings, with all modern facilities.

Under the guidance of Kaka Pribhdas a new trust "Gandhidham Collegiate Board" was formed to develop and professionally manage the Higher Education in this backward region of Kutch.

After that there was no looking back as Tolani Commerce College in 1973, and Diploma in Pharmacy was added in 1984. Along with different colleges, other infrastructural facilities were developed, like Auditorium for cultural activities, Stadium for Sports, Hostels for students and Staff Quarters.

Kaka was not only passionate and pragmatic but also inspired people around him to dedicate their time and service to the cause of higher education. He was an arch Advocate for the girls literacy. " If you educate a girl you educate the whole family". Accordingly girls hostels and college for Home Science, training girls for self-sufficiency and making ideal wives was established in 1984.

When Kaka came to Kutch for developing higher education, he was not having his eye sight. He also knew that due to dry climate of Kutch, eye diseases were common. He started Tolani Eye Hospital and Research Centre in 1982. Today this hospital is working as multi speciality Eye & Dental hospital with facilities for all eye deseases like Cataract (phaco surgeries), Glaucoma, Vitreo Retinal and Laser treatment only of its kind in Kutch.

The best thing about this campus is that the legacy of this Tolani Family continued even after his death in 1988. Kaka's eldest daughter, Mrs. Jamvanti Kanal, took over the reins of Tolani Collegiate Board and the development of the campus continued. The post-graduate programs in Arts & Commerce Colleges were started. The main landmark in the development of Tolani Campus was starting of Tolani Institute of Management Studies for post-graduate program in Management recognised by AICTE in 1995. Which today is an A+ Grade institute and is one of the best institutes in Gujarat.

When in later part of nineties Mrs. Kanal was not keeping well, she called her youngest sister, current President of Tolani Collegiate Board, who was in America for last 30 years, to come to Bombay and help her in management of the campus. Mrs. Anjana Hazari came to India few days before Earthquake of 2001 in Kutch. She rushed to Adipur immediately and there were heavy losses in the campus in the form of damaged and collapsed Buildings, loss of human lives etc. It was gloomy atmosphere, but with her motivation and positive approach, the campus was reconstructed in spite of many hardships.

Mrs. Anjana Hazari, took over as president of the Collegiate Board in 2004, at the demise of Mrs. Kanal. She has added to the campus in the form of another self finance English Medium Commerce College, self finance Tolani polytechnic, Tolani Institute of Law. The construction of additional buildings for these colleges and the needed facilities are developed. Today this 43 acre campus has 8000 students and 200 faculty members, hostels for boys & girls, a big sports stadium, an auditorium, staff, professors & principals quarters, libraries having more than 65,000 volumes of books and subscription of more than 200 journals, well equipped laboratories for science, pharmacy and engineering colleges. Results wise all institutes are leading in their respective universities.

It is very important to note here that vision and dream Kaka Tolani had 50 years back, has been taken up as the dream of the Family. Thus while continuing the Legacy; family manages the finances for growth of campus without any of the donations/capitation fees, zero management quotas in admissions and strictly following the Principles of Kaka Tolani i.e. Honesty and Service.

There is also Sri Ramakrishna Seva Kendra for spiritual development of the students on the campus. Thus, in true sense the campus is an Oasis of Knowledge in Desert of Kutch.

# Activities of Sindhology

## Children's Play "Mundi Ker Pae"

Monthly meet of Mangharam Malkani Dramatic Club was organized in Ishwarijivat Buxani Hall on Sunday 28th July 2013. Shri Sahib Bijani, Incharge Cultural Activities informed the audience that Sindhology has presented 36 one act plays during the past seven years. After the establishment of Mangharam Malkani Dramatic Club, 17 children's plays, have also been performed during past 30 months.

On this ocasion Sahib Bijani presented his play "Mundi Ker Pae" (who shall wear the ring?) It was written as well directed by him. The artists were Twisha Chetnani, Pranjal Wadhwani, Jeswin Chetnani, Poonam Lalwani, Teresa Chetnani, Navin Asnani and Mohit Tilokani.

## Sindhi Film "Insaf"

On Sunday 4th August 2013 a film "Insaf" based on short story of Sundri Uttamchandani was screened in lieu of Sangeet Chowki. The film was directed by Shri Kamal Nathani. A documentry film on Sundri produced by Sindhi Sangat was also screened. Smt Sundri Uttamchandani passed away in Mumbai on 8th July 2013 at the ripe age of 89. After the film, Shri Lakhmi Khilani, Director of Sindhology paid tributes to the renowned Sindhi writer, joined by Kala Prakash, her close friend.

## Two Plays

On Saturday 10th August, two plays "Mundi Ker Pae" (second Show) and "Saza Ya Inam" were performed for the students of Sadhu Hiranand Navalrai Academy.

## Meeting of the Trust

A meeting of Trustees was held on 20th August 2013, at 11:00 am in Sindhology under the chairmanship of Dr. Ram Buxani. Nine Trustees were present. Shri Murij Manghnani, Shri Lal Hardasani, Shri Kamlesh Moorjani and Ms. Asha Chand could not attend. Shri Kumar Ramchandani and Dr. Satish Rohra too were absent, because of their indifferent health.

The minutes of the previous meeting held on 16th January 2012 were read and approved. The report of the year 2012-2013 was also presented and duly approved. To improve the financial position of the trust, a committee of five members was formed. To fill the vacancy in the standing committee, due to the sudden demice of Shri Valiram Kishnani the name of Ms. Vimi Sadarangani was proposed and accepted.

The report indicated that during the past six months, six meetings of standing committee were held on 30th July, 16th August, 30th August, 6th September and 20th September and 31st December 2013. Many decisions were taken for smooth functioning of the trust in the meetings.

## Violin Master Kanhayalal Visits Sindhology

On Sunday 1st September 2013, monthly Sufiani Chowki was held, the local artists with their Kalams & Kafis enthralled the audience. Master Kanhayalal the eminent Violinist too participated and presented many sindhi compositions in Sur Sorath, Sur Sindhi Bhairwi, he created many magical moments to spellbound the audience.

## Radio Play "Ladies Club"

In the monthly get together of Mangharam malkani Dramatic club, held on 8th September 2013, a humorous play "Ladies Club", written by Prof. M.U.Malkani and directed by Sahib Bijani was presented. The artists were Mahima Chetnani, Champa Chetnani, Komal Dayalani, Sangeeta Khilwani, Manju Mirwani, who presented the play in hilarious style and entertained the audience.

A scene from Brij Mohan's play "Puchh" was also enacted by Champa Chetnani and Mahesh Khilwani.

## Delegates of Bharatiya Sindhu Sabha Visit Sindhology

A two days conference of Bharatiya Sindhu Sabha was held at Adipur. 75 delegates from all parts of India visited Sindhology on 15th September 2013. They were felicitated at Ishwarijivat Buxani Hall with shawls and bouquets. The prominent guests were Shri Navalrai Bachani, Shri Murlidhar Makhija, Gautam Samrat, Smt. Veena Bhatia and Mr. Prem Lalwani.

Shri Sahib Bijani Incharge Library, Museum and Documentation Centre showed the guests the treasure trove and explained to them the significance of each item collected here. The delegates were highly impressed and congratulated Sindhology for doing excellent work of preserving Sindhi Heritage.

## Two Plays

On 6th October 2013, in lien of monthly Sufiani Chowki Two plays were presented at Ishwarijivat Buxani Hall. The first one was Gobind Malhi's "Chodin Jo Chand" directed by Mahesh Khilwani. Artists were Champa Chetnani, Mahesh Khilwani, Komal Dayalani and Tulsi Thawani.

The second play was 'Smt. Dr. Doklani' written by Raj Daswani and directed by Sahib Bijani. This comedy play was enacted by Mukesh Tilokani, Mansha Chetnani, Poonam Lalwani, Khushi Mulchandani, Manju Mirwani, Krishna Lalchandani and Mahesh Khilwani.

Audience throughly enjoyed both the plays, the serious as well the comedy one.

## Birthday of Jiwan Gursahani

On 20th October 2013 in the monthly meeting of Mangharam Malkani Dramatic Club, 85th Birthday of Late Jiwan Gursahani, the eminent playwright, director, a pioneer of Sindhi Drama was celebrated. His close associate Shri Hari Meraney who was Secretary of SindhuKala Sangam Delhi for many years presented a paper on his life and contribution to Sindhi Stage. A play "Deti Leti" written by Jiwan Gursahani was also presented by Roshan Goplani, Tulsi Thawani, Sahib Bijani and Hari Meraney in Radio Play style. (The actual date of birth of Jiwan Gursahani is 13th October. The article on Jiwan by Hari appeared in Rachna's Jan-Mar 2014 issue)

## "Nari Chetna" at Sindhology

In Collaboration with Central Sahitya Akademi, creative writings of local female writers under the banner of "Nari Chetna" was presented on 27th Oct. 2013. Bharti Sadarangani, Pushpa Bhambhani, Seema Bhambhani presented the poems, Anita Tejwani, Champa Chetnani, Manju Mirwani, their plays and Komal Dayalani, Rita Chhatpar, Ritu Bhatia, Sangeeta Khilwani their Short Stories. More than hundred listners applauded this literary feast provided by the budding writers. Dr. Vimi Sadarangani presided and Ms. Seema Gurnani ably conducted the proceedings of literary festival.

## Birthday of Guru Nanak

One hour's programme of divine music was arranged on Sunday 10th November 2013 on ocasion of Guru Nanak's Birthday. Local artists Rajesh Bhawnani, Ghanshyam Bajaj, Deepa Lalwani, Mukesh Tilokani, Sapna Raisinghani and Tulsi Manghtani , recited Gurwani and presented Sindhi Bhajans with devotion in the divine atmosphere.

## Sindhology's Book Stall at Lila Shah Festival

A book stall was opened on 11, 12 & 13th November 2013 at Lila Shah Ashram by Sindhology on the ocasion of Sant Lila Shah's Varsi celebration. A brisk sale of books, cassettes and CD's was recorded and thousand of visitors were exposed to the salient features of Sindhi Culture.

## Drama Workshop for Children

A Dram Workshop was organized by Sindhology for 25 days, starting from 6th Nov. 2013 for the children and youngsters of age group from 7 to 15 years with the financial assistance of Gujarat Sindhi Academy Gandhinagar.

27 participants were trained daily for two and half hours. Besides conducting the course of acting and directing, they were also taught how to write a drama script.

On 30th Nov. and 1st Dec. 2013 the participating children presented two plays "Bor Na Kayo" and "Andher Nagri Charbat Raja" (written by Sahib Bijani) at Ishwarijivat Buxani Hall; and throughly entertained the audience. The main guides of workshop were Mahesh Khilwani, Champa Chetnani, Komal Dayalani and Sahib Bijani. Lectures on different subjects were also delivered by Mukesh Tilokani, Roshan Goplani, Bhavesh Bahrani. On 1st Dec. 2013 Shri Lakhmi Khilani distributed the certificates to the participants of the workshop. All the participants recited one couplet of Shah Abdul Latif Bhitai, in correct Sindhi tone, which was a surprising item for the audience. Sindhology is inculeating the love of Sindhi language and culture among the new generation of Sindhis. Shri Sahib Bijani was the convenor of the workshop.

## Sindhology Participates in Drama Seminar at Delhi

On 5th & 6th December 2013 Central Sahitya Akademi organised a Seminar on "Sindhi Drama in Post independance period" in New Delhi. Shri Lakhmi Khilani, the director of Indian Institute of Sindhology delivered the inaugural speech as well presided one of the sessions. Mahesh Khilwani, an artist of Sindhology's "Natya Kanwar" group presented the script of his play "Haweli Jo Matko" and was given loud applause by the participants.

## Essay Writing on Bhagat Kanwar Ram

On 9th December 2013, students of Adipur and Gandhidham participated in Essay Competition on great Saint of Sindh Bhagat Kanwar Ram, organised by Sindhology at the behest of Sunder Manghnani through Shyam Sachanandani of Nagpur. There were seprate groups of boys and girls in different age groups. First four winners in each group were awarded prizes of Rs. 500/- Rs. 250/- Rs. 150/- and Rs. 100/- . The judges of the competition were Principal Nirmla Asnani, Ms. Seema Gurnani, Shri Murli Govindani. The programme was conducted by Deepa Thakwani and Dhaneshwari.

## Director of Sindhology at Urs Festival at Bhit Shah (Sindh)

On Invitation of Director of Culture, Govt. of Sindh (Pakistan) Mr. Lakhmi Khilani attended the annual Urs festival at Bhit Shah and presented his paper on "Kutch and Kathiawar in the poetry of Shah Abdul Latif Bhitai", in the Seminar presided by renowned scholar Dr. Gulam Ali Allana. Mr. Hiro Thakur and Prof. Jagdish Lachhani from India also participated in the Seminar.

Thousands of admirers and devotees of the great poet Shah Latif had assembled to participate in three days festival held on 18th, 19th & 20th Dec. 2013. Besides this literary seminar, Music festival was also organized in Shah Abdul Latif Auditorium, where the renowned singers and instrumentalists presented shah's Kalams, Kafis, Wais. The visiting dignitories also spread Chadars at the Dargah of Bhit Shah.

## International Sindhi Sammelan at Indore

International Sindhi Sammelan was organized by Sindhu Mahajot at Indore from 13th to 15th December 2013 in collaboration with Global Alliance of Sindhi Association Inc.

Indian Institute of Sindhology was priviledged to open a Heritage pavilion in the ground, outside the main auditorium to display the various aspects of Sindhi culture, in posters, pictures, films. Thousands of visitors thronged the pavilion to get the glimpse of their roots and also buy books, CDs' cassettes, map of Sindh, pictures of prominent Sindhi personalities. Sindhology's young trio of Kamal Kishmi, Mukesh Tilokani and Roshan Goplani ably explained to the visitors finer aspects of Sindhi culture.

## Mangharam Malkani's Birthday

On 24th December 2013, Birthday of Prof. M.U.Malkani (Father of Sindhi one act play) was celebrated by Mangharam Malkani Dramatic Club at Sindhology's Ishwarijivat Buxani Hall.

On this ocasion like previous years two one-act plays were presented, the first one was "Tea Party"which highlighted false values and hypocracy of the modern society. Directed by Sahib Bijani, it was enacted by Mahima Chetnani, Manju Mirwani, Poonam Lalchandani, Champa Chetnani and Komal Dayalani. The same play was broadcasted on 25th December 2013 from Akashwani Bhuj.

Renowned theatre artist Kumar Khilwani from Mumbai directed the second play "Nataki Number One" was a hilarious comedy. Participating artists were Kumar Khilwani, Ritu Bhatia, Mahesh Khilwani, Komal Dayalani, Roshan Goplani, Tulsi Thawani. More than 200 people witnessed the plays and applauded their performance. Shri Sahib Bijani introduced all the artists and gifts were given to them by Prof. Preetam Varyani and Mr. Hari Meeraney.

## Seminar on Short Story at New Delhi

With the joint efforts of Central Sahitya Akademi and Delhi Sahitya Academy a three days Seminar on Sindhi Short Story was presented at New Delhi from 27th Dec.2013. The Budding Short Story writers groomed by Sindhology Adipur who presented their Short Stories included Mahesh Khilwani, Sangeeta Khilwani, Champa Chetnani, Komal Dayalani. They received the well deserved appreciation from the audience.

## Sindhology at Raipur (Chhatisgarh)

On the invitation of Mr. Murlidhar Makhija, Vice Chairman of Chhatisgarh Sindhi Academy. Sindhology opened a Book Stall and Cultural Heritage pavilion on the Mela Ground at Raipur on 29th Dec. 2013. The pavilion was managed by the young team of Kamal Kishmi and Roshan Goplani, who gave the glimpses of Sindhi Culture with help of films, slide show to more than 5000 visitors, who shared keen interest by buying books, CD's, cassettes, charts, pictures, photographs etc.

Printed & Published at Adipur by Lakhmi Khilani, Director on behalf of Indian Institute of Sindhology Ward 4-A, Near Santoshi Maa Mandir, Adipur (Kutch) - 370205.
Edited by Shri Lakhmi Khilani & Printed at Sainath Offset Commercial Art Printers, Plot No. 127, Sector 1-A, Gandhidham - 370201

## The Pride of Sindhi Community

## Bulo C. Rani

**- A master musician who loved and lived for music. He composed music for 78 Hindi films and 3 Sindhi films. Dilip Kumar and Nargis starrer "Jogan" earned name and fame for him and Bulo became a front ranking music director.**



Bulo Chandiram Ramchandani (Bulo C. Rani) was born in Hyderabad (Sindh) on 20th May 1920. His father Chandiram was an ace harmonium player who used to give background music to Sindhi dramas and other stage performances. He migrated to Bombay to provide music for a Hindi film "Insan ya Shaitan" produced by Khanchand Daryani, the lead roles were played by Prof. M.U. Malkani and Jadan Bai (mother of famous actress Nargis).

Bulo C. Rani learnt to play harmonium from his father at the tender age and inherited the love of music from him. After finishing his schooling in Gurdasmal Hindu High School, he got admission in Dayaram Gidumal National College, Hyderabad. He also got a job of music teacher in Prabhdas Navalrai High School. Principal Nirmaldas Gurbuxani organized a cultural programme to raise the funds for school. Two days before the function the trustees of the school backed out and refused to co-operate. Bulo C. Rani came to the rescue of Principal Gurbuxani and worked day and night to present a musical dance ballet with the help of his students to uphold the honour of his school and its Principal. Bulo C. Rani left Sindh before the partition and joined his father at Bombay to pursue the career of play-back singer in Hindi films. He succeeded in his mission, but soon switched over to provide music for films. He became an assistant of Khemchand Prakash, the renowned music director, who composed one of the brilliant film song "Ayega Ane Wala" sung by Lata Mangeshkar for film "Mahal". Chandulal Shah, the proprietor of Ranjit Studio soon recruited Bulo C. Rani as his regular employee, to provide music for many of his films including "Jogan" which proved a super hit. Besides Jogan other hit films of Bulo C. Rani were "Carvan", "Anjan", "Jivan Sathi", "Bagdad ka Chor", "Madhur Milan", "Rajputani", "Magroor", "Al Halal" and "Bilwa Mangal". Famous Sindhi singer C.H.Atma had enacted the role of blind Bilwa Mangal in the film, accompanied by the queen of Hindi Screen Suraiya. Bulo C. Rani was pioneer in introducing Qawali in "Al Halal" 'Hamen to Loot Liya Milke Husan Walon ne', which became a rage with the masses. Bulo also introduced a Sindhi folk tune based on Sachal Sarmast's Kalam "Barocha Vo Yar, Kohiyara Vo Yar" in film "Magroor". The song was "Badi Bhool Hui Tumhein Pyar Kiya", penned by famous Sindhi lyricist Parsram Zia and sung by Vishni Lal.

Besides C.H.Atma and Vishni Lal, Bulo C. Rani groomed many Sindhi Singers like Kamla Jhangiani, Vidya Gurbuxani, Savitri Gurbuxani, Asha Hargunani, Sushi Ahuja, Madhu Shahiri, Shyam Lala, Ram Navani and others. They also lent their voices for his Sindhi films "Abana", "Insaf Kithe Aa" and "Rai Diyach". In Hindi film Bulo C. Rani's favourite singers were Khursheed, Amir bai Karnataki, Geeta Roy (Dutt) and Talat Mahmood whose services he skillfully used to bring out the best of them. Geeta Roy's songs of Jogan bear the testimony of his outstanding talent. Credit also goes to Bulo C. Rani to compose the tune of Sindhi Anthem Song "Andhi Mein Jot Jagain Wara Sindhi", penned by Dr. Moti Prakash. It is being sung by Sindhi boys and girls in every Sindhi function, as a ritual.

Bulo C. Rani had produced innumerable Doordarshan and Akashwani programmes to propogate Sindhi language and culture to bring awareness in Sindhi younger generations. He was instrumental in producing several audio and video cassettes as well presenting stage programmes. Some of the programmes were in memory of Shah, Sachal, Sami, Bhagat Kanwar Ram, Sadhu Vaswani, Ram Panjwani, Narayan Shyam, Bhagwanti Nawani and Jhulelal. Bulo presented several stage shows in India as well outside India in cities like Dubai, Hong Kong, Bangkok, Manila, wherever Sindhis reside in large number, to connect them with Sindhi culture.

Bulo C. Rani was very humble, simple and loving person, who extended his helping hand to one and all, without expecting any favour in return.

He met his tragic end when he committed suicide on 24th May 1993 at Mumbai. Slowly and gradually inner drying and lonliness overtook him and he did not even relish his drink, as he did earlier. The man (an Artist par excellence) who took all disappointments and betrayals in his stride all along, got depressed to muster courage to take his life so tragically.




# سِنڌالاجي

( اِنڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي ٽماهي بليٽن)

پوسٽ باڪس ١٠، آديپور، ڪڇ - ٣٧٠٢٠٥

Registered with Registrar of News papers for India No - GUJBIL/2002/8038



P.O.Box 10, Adipur (Kutch) 370 205, Phone: (02836) 263851, E-mail : contact@sindhology.org & sindlogy@yahoo.com website : www.sindhology.org



ايڊيٽر : لکمي کلاڻي　　١٠ سالن لاءِ چندو : ٢٥٠　　جولاءِ - سيپٽمبر - ڊسمبر ٢٠١٣ سال : ١٢ انڪ : ٤٦، ٤٧


## سنڌالاجي نالو آهي هڪ تحريڪ/ آندولن جو

پنهنجي سنڌي ڀاشا، ساهت، سنسڪرتي (سنڌي جاتيءَ جي سڃاڻپ) کي هت هند جي ڌرتيءَ تي دائمي طور قائم رکڻ، اُن جي حفاظت ڪرڻ سان گڏ اُن جو نئين ٽهيءَ ۾ ڦهلاوَ ڪرڻ لاءِ، ستاويهہ سال اڳ سنہ ١٩٨٧ جي پهرين اپريل تي انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ٽرسٽ (اڳيون نالو سنڌي ساهت ڪلا منڊل) جي، سنڌي ٻوليءَ جي گهڻگهرن ليکڪن، ڪلاڪارن ۽ ودوانن طرفان آديپور ۾ اسٿاپنا ڪئي وئي.

ڀائي پرتاب طرفان برپا ڪيل سنڌو ريسيٽلمينٽ ڪارپوريشن کان چار ايڪڙ زمين وٺي ليکڪن، ڪلاڪارن، ودوانن جو ڳوٺڙو 'ملير' قائم ڪيو ويو جنهنجو مهورت سنڌي جاتيءَ جي برک هستي دادا جشن واسواڻيءَ جي ڪرڪملن دواران ١١ فبروري ١٩٩٤ تي ڪرايو ويو.

سنڌي جاتيءَ جي ٻن روشن منارن ساڌو هيرانند ۽ ساڌو نولراءِ جي نالن سان سنڌي تعليم ڏيڻ سان گڏ، چرتر جو نرماڻ ڪرڻ لاءِ ايس. آر. سيءَ کان پنج ايڪڙ زمين وٺي اُن مٿان ساڌو هيرانند نولراءِ اڪاڊميءَ جي شاندار عمارت کڙي ڪئي وئي. اُن جي مهورتي پوڄا ٥ نومبر ١٩٩٢ تي شري وڪيومل شراف (دبئي)، چيلارام ڪرپالاڻي (سينگاپور) ۽ شريمتي شانتي گيهاڻي (بمبئي) جي مبارڪ هٿن سان ڪئي وئي.


هن عمارت جي 'ڪلاونتي گوپالداس محبوباڻي بلاڪ' جو مهورت ٤ جنوري ١٩٩٩ تي ڀارت سرڪار جي وزير شري رام جيٺملاڻيءَ کان انٽرنئشنل سميلن جي موقعي تي ڪرايو ويو. هن تعليمي اداري ۾ سنڌي شاگرد لازمي طور سنڌي وشيہ کڻن ٿا. سنڌي لکڻ پڙهڻ سان گڏ سنڌي گيت سنگيت، ناٽڪ نرتيہ جي پروگرامن ۾ بہ ڀرو وٺن ٿا.



Sri Sri Ravi Shankar Maharaj at 'Sindhu Heritage Centre' at **AHMEDABAD** (Guj.) managed by Indian Institute of Sindhology




Sindhology's Heritage Pavilion along with Books & CD Stall at **INDORE** (M.P.)




Sindhology's Heritage Pavilion with Books & CD Stall at **RAIPUR** (C.G.)

(پهرئين صفحي کان هلندڙ ....)

’ملير‘ ڳوٺڙو ۽ ساڌو هيرانند نولراءِ اڪاڊمي جو نرماڻ ڪاريه شري صاحب بجاڻيءَ (جيڪو پيشي طور دهليءَ جو پرسڌ آرڪيٽيڪٽ هو) جي نگرانيءَ هيٺ ٿيو آهي. سنڌي ساهت ڪلا، سنسڪرتيءَ جي شيدائيءَ طور هن پنهنجي زندگي سنڌالاجيءَ کي ارپي ڇڏي آهي. نه صرف هڪ شاهي لائبرري اسٿاپت ڪرڻ ۾ مدد جو هٿ ڊگهيڙيو آهي، بلڪ، ميوزم، آرٽ گئلري ۽ ڊاڪيومينٽيشن سينٽرکڙو ڪرڻ ۾ به سندس وڏي حصيداري رهي آهي . سنڌين بابت هرطرح جي دستاويزي ڄاڻ فوٽن سميت هت هڪي ٽڪي ميسر آهي جنهن جو لاڀ دنيا جي ڪيترن ملڪن جي ودوانن ۽ ريسرچ اسڪالرن پي ورتو آهي.

ائميريڪا جي وڏي ۾ وڏي سنڌي سنسٿا ’الاينس آف سنڌي ائسوسئيشن‘ طرفان ڊاڪٽرستيش روهڙا ۽ لکمي ڪلاڻي کي ١٩٩٦ ۾ شڪاگو ۾ ٿئين انٽرنئشنل سنڌي سميلن ۾ نيند ڏيئي گهرايو ويو. ان بعد هر سال هن انٽرنئشنل سنسٿا طرفان ٽورانٽو، سئن فرئنسڪو، اورلئنڊو، لنڊن، بمبئي، احمدآباد، انڊورسميلن ۾ سنڌي ڪلچرجو نماءُ ڪرڻ، ڪتابن، ڪئسيٽن، سي. ڊيز جو اسٽال لڳائڻ ۽ ڊاڪٽرستيش روهڙا کي سنڌي سنسڪرتي جي اهميت بابت ليڪچر ڏيڻ لاءِ گهرايو پي ويو آهي. ائين سنڌالاجيءَ جو ’پنهنجي ٻولي ۽ سنسڪرتي بچايو‘ جو اهو سنديش دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهتو آهي. ’سنڌالاجي‘ سنڌي عوام سان پوري طرح جڙي ويئي آهي. سنڌالاجيءَ جي انهن شيوائن جو قدر ڪندي گذريل سال ٢٠١٣ ۾ راجا ڏاهرسين سمارڪ سمتي اَجمير پاران سنڌالاجيءَ کي بهترين سنسٿا قرار ڪري ايڪونجاهه هزارن جو پرسڪار ڏئي، سنمان ڪيو ويو.

سنڌالاجيءَ طرفان ’سنگيت ڪنور‘، ’ناٽيه ڪنور‘ ۽ ’نرتيه ڪنور‘ جي نالي سان برپا ڪيل شاخائن طرفان سنڌي سنگيت، ناٽڪ نرتيه جا سوين پروگرام ڀارت جي جدا جدا شهرن ۽ وديشن دبئي، هانگ ڪانگ، منيلا (فلپائينس)، سينگاپور، بئنگڪاڪ (ٿائلنڊ) وغيره ۾ پيش ڪيا ويا آهن. اکل ڀارت سنڌي ٻولي ساهت سڀا جي ساليانين ناٽڪ چٽاڀيٽي/فيسٽيول ۾ به سنڌالاجيءَ پنهنجا ناٽڪ پيش ڪيا آهن. پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي سنجيده ناٽڪن سان گڏ، ٽئگور جا لکيل ناٽڪ ’ڪابلي والا‘ ۽ ’ڊاڪ گهر‘ به رنگ منچ تي آندا آهن. ڊاڪٽر پريم پرڪاش، مينگهراج گرناڻي، مدن جماڻي، هريش ڪڪواڻيءَ جي سونهپ هيٺ ڊراما ورڪشاپ، انيلا سندر جي نگرانيءَ ۾ ڊانس ورڪشاپ جو به آيوجن ڪيو ويو آهي. سنڌالاجيءَ سون جي تعداد ۾ ٻال ڪلاڪار پنهنجي نئين اسٿاپت ڪيل ’منگهارام ملڪاڻي ڊرئميٽڪ ڪلب‘ جي سايي هيٺ پيدا ڪيا آهن. سنڌي ٻوليءَ کي بچائي رکڻ جو بهترين طريقو اِچ ٻارن اندر ووڪل ڪلچرذريعي شوق پيدا ڪرڻ جو آهي. سنڌالاجيءَ جي هن ڦلواڙيءَ ۾ توهان ڪنهن به ڏينهن تي انهن ننڍڙن گلڙن کي مهڪندو ڏسي سگهو ٿا.

’هني ڪلواڻي‘ سنڌالاجيءَ ۾ اُسريل ٻال ڪلاڪار زي. ٽي. ويءَ جي انڊياز بيسٽ ڊراما باز ۾ پنهنجي ڪلا جو جوهر ڏيکاري سنڌي جاتيءَ جو مان مٿي ڪري چُڪي آهي. ڀارت جي شهر شهر ۾ اِندور، ڀوپال، رائپور، احمدآباد، دهليءَ مان سنڌالاجيءَ کي پنهنجا ناٽڪ، سنگيت پروگرام بوڪ سي. ڊي. اسٽال لڳائڻ، سنڌي سنسڪرتيءَ جي جهلڪ پيش ڪندڙ سنڌ هيرٽيج پيويلين لڳائڻ لاءِ نيند ڏئي گهرايو ويو آهي. سنڌالاجيءَ جي اِن پرچار پرسار جي سڄي ڪاريه جو بارُ جي نئين نوجوان ٽهي (ڪمل ڪشمي، مڪيش تلوڪاڻي ۽ روشن گوپلاڻي ۽ مهيش ڪلواڻي) پاڻ تي هموار ڪيو آهي. اهو اِچ جي سنڌالاجيءَ جو نئون چهرو آهي.

پروفيسر پريتم ورياڻيءَ جي رهبريءَ ۾ شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ جي سنڌي بستين ۾ وڃي سنڌي لوڪ ڪلا (فوڪ لور) ڪٺو ڪرڻ جو نهايت اهم ڪاريه هٿ ۾ کنيو ويو آهي. لوڪ ادب ۽ ڪلاڪي سهيڙي سي. ڊين ۾ رڪارڊ ڪيو ويو آهي جئن اسانجو اهو ورثو محفوظ رهي.

سون جي تعداد ۾ سو سالن جي جهونن ناياب ڪتابن کي به ٽيڪنيڪل ڄاڻ سان وري نئين سِر جيئاري نوبنو ڪيو ويو آهي. اهو حيرت انگيز ڪارنامو رڳو سنڌالاجيءَ ۾ ممڪن ٿي سگهيو آهي. سنڌالاجيءَ ۾ نارائڻ شيام، موهن ڪلپنا ڪارنرس ۾ سندن ناياب دستخطن وغيره کي محفوظ رکيو ويو آهي. ڊاڪٽرٽرمپ جو تيار ڪيل ١٨٦٦ ۾ جرمنيءَ ۾ ڇپيل شاهه جو رسالو به برٽش ميوزم بعد هت رڳو سنڌالاجيءَ ۾ ئي موجود آهي.

ڪا به سنسٿا تڏهن ئي ڪاميابيءَ سان سلورجبلي، گولڊن جبلي ملهائي ٿي سگهي، جڏهن ان جي خرچ پکي جو پڪو حساب ڪتاب رکيو وڃي ۽ اُن جي برتن ۾ ڪو ٽُنگ نه هجي. اها جوابداري سنڌالاجيءَ جو سيڪريٽري هري ميڙاڻي فنانس ڪنٽرولر طور بخوبي نباهي رهيو آهي. سنڌالاجيءَ جو هو به هڪ مکيه ٿنيو آهي.

اَسين چاهينداسين ته سنسار جو هرهڪ سنڌي پنهنجي وجود برقراريءَ لاءِ ’سنڌي سڀاڻپ بچايو‘ جي هن تحريڪ/آندولن ۾ شريڪ ٿي پنهنجو پنهنجو فرض نباهي ۽ پاڻ سان سچو ثابت ٿئي.

سنڌالاجي سيني سنڌين کي هن يگيه ۾ آهوتي ڏيڻ جي نيند ڏئيتي. سنڌالاجي سيني سنڌين جي سندن پنهنجي سنسٿا آهي!

# سنڌالاجيءَ جون سرگرميون

## ٻال ناٽڪ 'منڊي ڪير پائي' :

٢٨ جولاءِ ٢٠١٣ آرتوار ڏينهن شام جو منگهارام ملڪاڻي ڊرئمٽڪ ڪلب جو ماهيانو ميڙ ايشوري جيوت بخشاڻي هال ۾ ٿي گذريو. صاحب ٻجاڻيءَ سنڌالاجيءَ طرفان پيش ڪيل ناٽڪن جو تفصيلوار احوال ڏيندي ٻڌايو تہ گذريل ٧ سالن ۾ ٣٦ ناٽڪ پيش ڪيا ويا آهن. منگهارام ملڪاڻي ڊرئمٽڪ ڪلب جي برپا ٿيڻ بعد اُن طرفان بہ گذريل ٣٠ مهنن ۾ ١٧ ٻال ناٽڪ ڪري ڏيکاريا ويا آهن.

اِن موقعي تي صاحب ٻجاڻيءَ جو لکيل ٻال ناٽڪ 'منڊي ڪير پائي؟' سندس ئي هدايتڪاريءَ هيٺ ڏيکاريو ويو. ٻال اداڪار هئا : تِوشا چيتناڻي، پرانجل واڌواڻي، جيسون چيتناڻي، پونم لعلواڻي، ٽيريسا چيتناڻي، نوين آسناڻي ۽ موهت تلوڪاڻي.

## سنڌي فلم 'انصاف' :

٤ آگسٽ آرتوار ڏينهن شام جو سنڌالاجيءَ ۾ ماهوار صوفياڻي چونڪيءَ بدران سندري اُتمچنداڻيءَ جي ڪهاڻيءَ تي ٻڌل سنڌي فلم 'انصاف' ڏيکاري وئي. فلم جو هدايتڪار هو شري ڪمل ناٿاڻي. شروعات ۾ سندري اُتمچنداڻيءَ تي سنڌي سنگت دبئيءَ طرفان جوڙيل هڪ ننڍڙي ڊاڪيومينٽري فلم بہ ڏيکاري وئي.

ياد رهي تہ سنڌيءَ جي هن بزرگ ليکڪا جو ٨ جولاءِ ٢٠١٣ تي ممبئيءَ ۾ ٨٩ ورهين جي وڏي ڄمار ۾ ديهانت ٿيو. فلم پوري ٿيڻ بعد شري لکمي کلاڻي ۽ ڪلا پرڪاش ڪيس پاو ينل شرڌانجلي ڏني.

## ٻہ ناٽڪ :

١٠ آگسٽ ڇنڇر ڏينهن ساڌو هيرانند نولراءِ اڪيڊميءَ جي ودیارٿين ڪي ٻہ ناٽڪ 'مُنڊي ڪير پائي؟' (ٻيون شو) ۽ 'سزا يا انعام' (ٽيون شو) ڏيکاريا ويا. هدايتڪار هو صاحب ٻجاڻي.

## ٽرسٽ جي ميٽنگ :

ٽرسٽ جي ميٽنگ ٢٠ آگسٽ ٢٠١٣ تي صبوح جو ١١ بجي سنڌالاجيءَ جي آفيس ۾ چيئرمن صاحب ڊاڪٽر رام بخشاڻيءَ جي زير صدارت ڪئي وئي جنهن ۾ ٩ ڄڻا حاضر هئا. سرو شري مورج منگهناڻي، لال هرداساڻي، ڪمليش مورجاڻي ۽ آشا چاند پنهنجين ٻين مشغولين سبب، ميٽنگ ۾ حاضر نہ هئا. پروفيسر ستيش روهڙا ۽ شري ڪمار رامچنداڻي پڻ طبيعت ناساز هئڻ سبب نہ اَچي سگهيا. ٽرسٽ جي ١٦ جنوري ٢٠١٣ جي ميٽنگ جا منٽس پڙهي بحال ڪرڻ ڪانسواءِ، سال ١٣-٢٠١٢ جي رپورٽ يڪراءِ بحال ڪئي وئي. سنڌالاجيءَ جي مالي حالت سڌارڻ لاءِ هڪ پنجن ڄڻن جي ڪاميٽي مقرر ڪئي وئي.

رپورٽ هيٺ آيل ڇهن مهنن ۾ ڪل ٦ ميڙ اسٽئنڊنگ ڪاميٽيءَ جا ٣٠ جولاءِ، ١٦ آگسٽ، ٣٠ آگسٽ، ٦ سپٽمبر، ٢٠ سپٽمبر ۽ ٣١ ڊسمبر ٢٠١٣ تي ڪوٺايا ويا جن ۾ روزمره جي ڪم ڪارين بابت جوڳا فيصلا يڪراءِ ورتا ويا.

## وايولن ماسٽر ڪنعيالعل سنڌالاجيءَ ۾ :

١ سپٽمبر آرتوار ڏينهن شام جو سنڌالاجيءَ جي اڱڻ ۾ ماهوار صوفياڻي چونڪيءَ ۾ مڪاني ڪلاڪارن جي ڪلامن ۽ ڪافين ٻڌندڙن کي ڪافي متاثر ڪيو. اِن موقعي تي ممبئيءَ مان وايولن ماسٽر ڪنعيالعل بہ اَچي سهڙيو. هن مني ڪلاڪ جي ٿوري وقت ۾ وايولن تي سُر سورٺ، سُر سنڌي ڀيروي وغيره ڇيڙي هڪ جادوئي ماحول خلقي ڇڏيو. ساز ۽ آواز ٻڌندڙن کي بيخود بڻائي ڇڏيو.

## ’ليڊيز ڪلب‘ ريڊيو ناٽڪ :

٨ سپٽمبر تي منگهارام ملڪاڻي ڊرئمنڪ ڪلب جي ماهوار گڏجاڻيءَ ۾ ملڪاڻي صاحب جو مذاقي ناٽڪ ’ليڊيز ڪلب‘ صاحب بجاڻيءَ جي هدايتڪاريءَ ۾ مهما چيتناڻي، چمپا چيتناڻي، سنگيتا ڪلواڻي ۽ منجو ميرواڻيءَ ريڊيائي انداز ۾ پڙهي حاضرين کي کلائي کلائي کيرو ڪري ڇڏيو. اِن موقعي تي برج موهن جو لکيل ناٽڪ ’پڇ‘ جي هڪ جهلڪ چمپا چيتناڻيءَ ۽ مهيش ڪلواڻيءَ پيش ڪئي.

## ڀارتيہ سنڌو سڀا جا عيوضي سنڌالاجيءَ ۾ :

گانڌيڌام ۾ ڀارتيہ سنڌو سڀا جي عيوضين جي اکل ڀارت سطح تي ٻن ڏينهن جي ڪانفرنس ٿي گذري. اِن موقعي تي سنڌن ٧٥ کن عيوضي ١٥ سپٽمبر آرتوار ڏينهن صبح جو سنڌالاجي ڏسڻ آيا. ايشوري جيوت بخشاڻي هال ۾ هڪ ننڍڙي پر سهڻي جلسي ۾ سرو شري نولراءِ بچاڻي، گوتم سمرات، رميش ماکيجا، شريمتي بينا ڀاٽيا ۽ پريم لعلواڻيءَ کي شالون ڀائي سنڌن سنمان ڪيو ويو. صاحب بجاڻيءَ کين سرسوتي آرٽ گئلري، ميوزم ۽ چتر شالا ۾ سنڌي سنسڪرتيءَ جي جهلڪ پسائيندڙ وستن ۽ چترن جي وستار سان سمجهاڻي ڏني. هو شاهي لئبرري، بوڪ اسٽال وغيره ڏسي نهايت متاثر ٿيا. چيائون هيءُ سنڌيت جو ورثو سانڍي رکڻ لاءِ اوهان داد ۽ مبارڪن جا مستحق آهيو.

## ٻہ ناٽڪ :

٦ آڪٽوبر آرتوار ڏينهن شام جو ماهوار صوفياڻي چوئنڪيءَ بدران ايشوري جيوت بخشاڻي هال ۾ ٻہ ناٽڪ ڏيکاريا ويا. ٻن پيڙهين جي ويچارڌارا ۾ ٽڪر تي سنجيدو ناٽڪ پيش ڪيو ويو مهيش ڪلواڻيءَ جي هدايتڪاريءَ ۾ گوبند مالهيءَ جو لکيل ناٽڪ ’چوڏهون چندرما‘ اداڪار هئا چمپا چيتناڻي، مهيش ڪلواڻي، ڪومل ديالاڻي ۽ تلسي ٿاواڻي. ٻيون ناٽڪ هو راج ڏاسواڻيءَ جو لکيل ’شريمتي ڊاڪٽر ڏوڪلاڻي‘. هن مذاقي ناٽڪ جا اداڪار هئا مڪيش تلوڪاڻي، منشا چيتناڻي، پونم لعلواڻي، خوشي مولچنداڻي، منجو ميرواڻي، ڪرشنا لعلچنداڻي ۽ مهيش ڪلواڻي. ناٽڪ جو هدايتڪار هو صاحب بجاڻي.

## جيون گرسهاڻيءَ جو جنم ڏينهن :

٢٠ آڪٽوبر منگهارام ملڪاڻي ڊرئمنڪ ڪلب جي ماهياني ميڙ ۾ ٻرک ناٽڪ نويس ۽ هدايتڪار سدا حيات جيون گرسهاڻيءَ جي فن ۽ شخصيت تي سنڌس ويجهي ساٿي هري ميڙاڻيءَ روشني وڌي. اِن موقعي تي جيون گرسهاڻيءَ جو ڏيتي ليتيءَ جي مسئلي تي لکيل مذاقي ناٽڪ روشن گوپلاڻي، تلسي ٿاواڻي، صاحب بجاڻي ۽ هري ميڙاڻيءَ ريڊيائي انداز ۾ پڙهي ٻڌايو. ياد رهي تہ جيون گرسهاڻيءَ جو ١٣ آڪٽوبر تي ٨٥ جنم ڏينهن هو.

## دهليءَ ۾ ناٽڪ سيمينار ۾ سنڌالاجي :

۵ ۽ ٦ ڊسمبر تي مرڪزي ساهت اڪادميءَ طرفان 'آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ناٽڪ' تي دهليءَ ۾ سيمينار ٿي گذريو. سنڌالاجيءَ جي ڊئريڪٽر شري لکمي کلاڻيءَ سيمينار ۾ مهورتي تقرير ڪانسواءِ هڪ اِجلاس جي صدارت بہ ڪئي. ناٽيہ ڪنور جي اداڪار ۽ هدايتڪار شري مهيش کلواڻيءَ اتي پنهنجو لکيل ناٽڪ 'حويليءَ جو مٽڪو' ۽ مقالو پڙهي ڪافي داد حاصل ڪيو.

## سنڌالاجيءَ ۾ 'ناري چيتنا' :

٢٧ آڪٽوبر تي مرڪزي ساهت اڪادميءَ جي سهڪار سان ايشوري جيوت بخشاڻي هال ۾ مڪاني استري اَديبائن جي رچنا پاٺ جو پروگرام 'ناري چيتنا' ٿي گذريو. پارتي سدارنگاڻي، پشپا پمپاڻي ۽ سيما پمپاڻيءَ پنهنجيون ڪوتائون پڙهيون. انيتا تيجواڻي، چمپا چيتناڻي ۽ منجو ميرواڻيءَ پنهنجا ناٽڪ ۽ ڪومل ديالاڻي، ريٽا ڇاٻڙا، ريتو ڀاٽيا، ۽ سنگيتا کلواڻيءَ پنهنجيون رچيل ڪهاڻيون پڙهي ٻڌايون. ١٠٠ کان مٿي حاضرين هنن اُسرندڙ اديبائن جي رچنائن کان ڪافي متاثر ٿي کين ورورڪري داد ڏيندا رهيا. موقعي جي صدارت ڪري رهي هئي ڊاڪٽر ومي سدارنگاڻي. شريمتي سيما گرناڻيءَ هن پروگرام جي ڪارروائي نهايت قابليت سان هلائي.

## گرونانڪ جنم ڏينهن :

١٠ نومبر آرتوار ڏينهن شام جو سنڌالاجي اڱڻ ۾ گرونانڪ صاحب جي جنم ڏينهن جي سلسلي ۾ هڪ ڪلاڪ جو سنجيدو پروگرام رکيو ويو. مڪاني ڪلاڪارن راجيش ڀاوناڻي، گهنشيامداس ٻجاج، ديپا لعلواڻي، مڪيش تلوڪاڻي، سپنا رائسنگهاڻي ۽ تلسي منگناڻيءَ نهايت پريم ۽ شرڌا سان گرواڻيءَ مان شبد توڙي گرو صاحبن تي سنڌي ڀڄن ڳائي وايومنڊل کي ساتوڪ بڻائي ڇڏيو.

## ليلاشاهه ميلي ۾ سنڌالاجي اِسٽال :

١١، ١٢ ۽ ١٣ نومبر تي آديپور ۾ سائين ليلاشاهه ميلي تي هميشه جيان سنڌالاجيءَ طرفان سنڌي ڪتابن ۽ ڪئسيٽن جو اِسٽال کوليو ويو. ميلي تي آيلن هن اسٽال جو پورو لاڀ ورتو. ٽيئي ڏينهن ڪافي ڀيڙ رهي. سيني کي سنڌي ساهت ۽ سنسڪرتيءَ جي ڪافي ڄاڻ ملي.

## ٻارن لاءِ ڊراما ورڪشاپ :

سنڌالاجيءَ ۾ ٦ نومبر کان ٢٥ ڏينهن لاءِ گجرات سنڌي ساهت اڪادميءَ جي مالي سهڪار سان ٧ کان ١٥ سالن جي عمر تائين ٻالڪن لاءِ ڊراما ورڪشاپ هلايو ويو. ڪل ٢١ ٻارن کي روز شام جو اَدائي ڪلاڪ ناٽڪ جي باري ۾ ڪافي ڄاڻ ڏني وئي. اداڪاريءَ جي اهم انگن

آواز، ڇهري جي ڦيرگهير ۽ ناٽڪ ۾ چرپر بابت عملي سکيا ڏني وئي. ۳۰ نومبر ۽ ۱ ڊسمبر، ٻنهي ڏينهن تي هنن ٻال اداڪارن ٻه ٻال ناٽڪ ’ٻرو نه ڪريو‘ ۽ ’انڌير نگري چرٻٽ راجا‘ (اِسڪرپٽ لکندڙ: صاحب ٻڄاڻي) ڪاميابيءَ سان ايشوري جيوت ٻخشاڻي هال ۾ پيش ڪري درشڪن کي خوش ڪري ڇڏيو. ٻنهي ناٽڪن جا هدايتڪار هئا مهيش ڪلواڻي، چمپا چيتناڻي، ڪومل ديالاڻي ۽ صاحب ٻڄاڻي. ۲۵ ئي ڏينهن ٻارن جا ڳائيڊ ٻه هي چارئي ڄڻا هئا. وچ ۾ مکيش تلوڪاڻي، پاويش ڀهراڻي ۽ روشن گوپالاڻيءَ جا ليڪچر پڻ رکيا ويا هئا. ۱ ڊسمبر تي پيش ڪيل پروگرام ۾ ڀاڱ وٺندڙن کي سنڌالاجيءَ جي ڊائريڪٽر شري لکمي کلاڻيءَ سرٽيفڪيٽ عطا ڪيا. سرٽيفڪيٽ وٺڻ بعد هر ٻالڪ/ ٻالڪيءَ شاه صاحب جو هڪ هڪ بيت ٻڌائي سيني کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. ڊراما ورڪشاپ جو ڪنوينر هو صاحب ٻڄاڻي.

## پيڳت ڪنوررام تي ليڪچر چٽاڀيٽي :

۹ ڊسمبر صبح جو ايشوري جيوت ٻخشاڻي هال ۾ امر شهيد پيڳت ڪنوررام جي جيون تي آديپور ڳانڌيڌام جي اسڪولي وديارٿين جي ليڪچر چٽاڀيٽي رکي وئي. ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جا جدا جدا گروپ هئا. هر گروپ ۾ آيل پهرين ٽئن نمبرن کي ججن جي راءِ موجب ۵۰۰، ۲۵۰، ۱۵۰ ۽ ۱۰۰ رپيا انعام طور ڏنا ويا. جج هئا پرنسيپال نرملا آسناڻي، سيما ڳرناڻي ۽ شري مرلي گووندااڻي. پروگرام جي ڪارروائي هلائي ديپا نکواڻي ۽ ڏنيشوري. هيءَ چٽاڀيٽي اَديب دوست سندر منگهناڻيءَ طرفان ناگپور جي شيام سچانندااڻيءَ معرفت آيوجن ڪئي وئي.

## لکمي کلاڻي جي شاه جي عُرس مبارڪ موقعي تي سنڌ جي زيارت :

حڪومت سنڌ جي ثقافت کاتي اِنڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي ڊئريڪٽر شري لکمي کلاڻيءَ کي شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ۲۷۰ عرس مبارڪ موقعي تي ڀٽ شاهه تي سڏايل شاهه لطيف عالمي ادبي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ پنهنجو مقالو ’شاه لطيف جي شاعريءَ ۾ ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ‘ پيش ڪرڻ جي دعوت ڏني. ۱۹ ڊسمبر ۲۰۱۳ تي سنڌ جي وڏي عالم ڊاڪٽر غلام علي الانا جي صدارت ۾ لکمي کلاڻيءَ سان گڏ هند کان سرڪاري نينڊ تي آيل شري هيري ٺڪر ۽ پروفيسر جڳديش لڇاڻيءَ ٻه شاهه صاحب تي پنهنجا پنهنجا مقالا پيش ڪيا. اُهي سوَن جي تعداد ۾ گڏ ٿيل عالمن، اديبن ۽ سڄاڻ حاضرين طرفان بيحد پسند ڪيا ويا. ٽي ڏينهن ۱۸، ۱۹ ۽ ۲۰ ڊسمبر ۲۰۱۳ تي آيوجن ڪيل هن ميلي ۾ ادبي ڪانفرنس سان گڏ شاه عبداللطيف آڊيٽوريم ۾ لطيفي راڳ رهاڻ ٻه پيش ڪئي وئي. ملاکڙي گرائونڊ ۾ ملاکڙو، نمائش گرائونڊ تي زرعي نمائش ۽ ٻين پروگرامن ۾ سڄي سنڌ کان هزارين شاه جي شيدائين هن ساليانے عرس مبارڪ واري ميلي ۾ شامل ٿي شاهه جي ڀٽ تي درگاهه شريف تي چادر چاڙهي.

## انٽرنئشنل سنڌي سميلن ۾ اِسٽال ۽ نمائش :

۱۳، ۱۴ ۽ ۱۵ ڊسمبر تي اِندور ۾ انٽرنئشنل سنڌي سميلن ٿي گذريو. سميلن جي بانيڪارن جي سڏ تي سنڌالاجيءَ طرفان اُتي هڪ نهايت وڏو اِسٽال کوليو ويو. اِن اسٽال ۾ سنڌي ڪتابن، آڊيو ڪئسيٽن، سي. ڊي.، سنڌ جي نقشن، سنڌي سکڻ جي ڪتابن، چارٽن ۽

ڊڪشنريون توڙي چٽرن جو شاهي نمائش ٻه رکيو ويو. نمائش ۾ سنڌي مهان هستين ڪانسواءِ سنڌ جي اِتهاس، جاگرافي ۽ سنسڪرتيءَ جي جهلڪ پسائيندڙ ڪافي رنگين چتر هئا. هال ۾ پروجيڪٽر تي سنڌي فلمون، ناٽڪ ۽ سنڌالاجيءَ متعلق ڄاڻ ڏيندڙ فلمون سڄو وقت ڏيکاريون پئي ويون. ٽن ڏينهن ۾ ٣٠٠٠ کان وڌيڪ ديس وديس جي سنڌين حاضري ڀري سنڌي ساهت، ٻولي، سنگيت ۽ سنسڪرتيءَ طرف ڪافي چاهه ۽ اُتساهه ڏيکاريو. سنڌالاجي مان مڪيش تلوڪاڻي، روشن گوپلاڻي ۽ ڪمل ڪشميءَ نهايت قابليت سان هيءَ ذميواري نباهي.

## منگهارام ملڪاڻي جنم ڏينهن :

٢٤ ڊسمبر ٢٠١٣ تي سنڌي ايڪانڪيءَ جي اَبي پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي ١١٧ جنم ڏينهن تي ايشوري جيوت ٻڌاڻي هال ۾ هرسال جيان ٢ ناٽڪ پيش ڪيا ويا. پهريون هو ملڪاڻي صاحب جو ڪوڙن قدرن جي اوگهڙ ڪندڙ ناٽڪ 'ٽي پارٽي'. صاحب ٻجاڻيءَ جي هدايتڪاريءَ هيٺ ڀاڳ وٺندڙ هيون مهما چيتناڻي، منجو ميرواڻي، پونم لعلچنداڻي، چمپا چيتناڻي ۽ ڪومل ديالاڻي. هيءُ ناٽڪ ٢٥ ڊسمبر تي آڪاشواڻي ڀڄ تان پڻ پرسارت ڪيو ويو.

ٻئين مذاقي ناٽڪ 'ناٽڪي نمبر ١' جو ليک ۽ هدايتڪار هو ڪمار ڪلواڻي. هو صاحب هر سال هن ڏينهن تي خاص ممبئيءَ مان اَچي ناٽڪ پيش ڪندو آهي. ڀاڳ وٺندڙ اداڪار هئا : ڪمار ڪلواڻي پاڻ، رتو ڀاٽيا، مهيش ڪلواڻي، ڪومل ديالاڻي، روشن گوپلاڻي ۽ تلسي ٿاواڻي. کچاکچ ڀريل هال ۾ ٢٠٠ کان مٿي درشڪ ناٽڪن جو لطف ماڻيندي وچ وچ ۾ تاڙيون وڄائي ڪلاڪارن کي داد ڏيندا رهيا. صاحب ٻجاڻيءَ سيني اداڪارن جي واقفيت ڏيندي پريتم ورياڻي ۽ هري ميڙاڻي هٿان سندن سنمان ڪرايو.

## دهليءَ ۾ ڪهاڻي سيمينار :

٢٧ ڊسمبر کان دهليءَ ۾ ٽن ڏينهن لاءِ مرڪزي ۽ دهلي ساهت اڪادميءَ جي سهڪار سان ڪهاڻي سيمينار ٿي گذريو. سنڌالاجيءَ طرفان تيار ٿيل/ ٿيندڙ نوجوان اُسرندڙ ڪهاڻيڪارن مهيش ڪلواڻي، سنگيتا ڪلواڻي، چمپا چيتناڻي ۽ ڪومل ديالاڻيءَ اِن سيمينار ۾ شرڪت ڪري پنهنجيون پنهنجيون ڪهاڻيون ۽ تبصرا پڙهي ٻين آيل اديبن وٽان ڪافي داد حاصل ڪيو.

## رائپور ۾ اِسٽال :

٢٩-١٢-٢٠١٣ تي رائپور ۾ ڇتيس ڳڙهه سنڌي اڪادميءَ جي سڏ تي سنڌالاجيءَ طرفان هڪ وڏو بوڪ اسٽال کوليو ويو. اِن اسٽال ۾ سنڌي ڪتابن، آڊيو ڪئسيٽن، سي.ڊين، سنڌ جي نقشن، سنڌي سڪن جي ڪتابن، چارٽن ۽ ڊڪشنرين ڪانسواءِ چٽرن جو شاهي اِسٽال لڳايو ويو. هن اِسٽال ۾ سنڌالاجيءَ مان شري ڪمل ڪشمي ۽ شري روشن گوپلاڻيءَ بيحد شاندار نموني پنهنجي قابليت ڏيکاري. هن اسٽال ۾ مهان هستين ڪانسواءِ سنڌ جي اِتهاس، جاگرافي ۽ سنسڪرتيءَ جي جهلڪ پسائيندڙ ڪافي رنگين چتر هئا. هال ۾ پروجيڪٽر تي سنڌي فلمون پڻ ڏيکاريون ويون. هڪ ڏينهن ۾ ٥٠٠٠ کان وڌيڪ سنڌين حاضري ڀري. سنڌي ساهت ۽ سنڪرتيءَ جي جهلڪ پسائيندڙ ڪافي رنگين چتر هئا. هن ميڙ کي سنڌو ميلا ڪري لڳايو ويو ۽ اِهو ڪاريه شري مرليڌر ماکيجا جي سهيوگ سان ڪيو ويو.

## The Pride of Sindhi Community

## C. Arjun - An eminent Music Maestro who provided music for the first Sindhi film 'Abana' after the partition of the country, as well for Super Hit Hindi film "Jai Santoshi Ma"



Arjan Parmanand Chandnani (C. Ajun) was born in Karachi (Sindh) on 1st September 1928. From childhood he was attracted to music, as he was born and brought up in musical environment. His father Parmanand and elder brother Waliram both used to sing and play harmonium.

C. Arjun joined "Kalyan Sangeet Vidyalaya" at Karachi and learnt music under the tutelage of Ram Panwar Trivedi, a disciple of Pandit Onkarnath Thakur. During his internship, C.Arjun got the opportunity to listen to Khan Sahib Mubarak Ali, Pandit Amarnath and Ashiq Ali, the great vocal singers who visited Karachi to perform in musical soiree, and became infatuated with Indian Classical music.

After the partition of the country C.Arjun settled in Bombay and got a job in Indian Railways. However his love for music and desire to become music director made him accept the apprenticeship under the famous Sindhi Music Director Bulo C. Rani, well established with Ranjit Studios. He soon got the break with first Sindhi film "Abana", and composed its music jointly, with his mentor Bulo C. Rani. The lyrics of the film were written by master poet Parsram Zia. After the success of "Abana" C. Arjun composed the music of most of the Sindhi films like 'Jhulelal', 'Ladli', 'Sindhua Je Kinare', 'Shala Dhiar na Jaman', the lyrics of these films were written by well known lyricist Goverdhan Bharti. Therafter both of them became inseperable twins with magic touch, immensely contributing to Sindhi Music. They also provided music to Anila Sunder's Dance Ballets.

The film music of Sindhi pictures under this duo provided platform to many established as well new singers like Master Chander, Prof. Ram Panjwani, Kamla Keswani, Bhagwanti Nawani, Kala Hazari, Aruna Kundnani, Ghanshyam Vaswani, Satram Rohra, Jethalal and others. Narain Shyam's Ghazal "Chandni Rat ain Akelai" rendered in the voices of Ghanshyam and Aruna for a Sindhi film, would occupy a pride of place in the annals of Sindhi film music.

Credit also goes to 'C' Arjun and Goverdhan Bharti to introduce great playback singers like Lata Mangeshkar, Asha Bhosle, Usha Mangeshkar, and Mahendra Kapoor to sing in Sindhi films.

Fame soon knocked on the door of 'C' Arjun with the instant and unprecedent success of a song from "Jai Santoshi Ma", 'Main to Arti Utaroon', rendered by Lata Mangeshkar in her soulful voice. This hit film was produced by a Sindhi producer Satram Rohra. After creating a super hit; based on the rhythm of Gujrati Garba, 'C'Arjun was pressurized by Gujarati producers to provide music for their Gujarati films. The very first film for which he provided music "Khama Mara Veera" became a Golden Jubilee Hit and 'C'Arjun became an established name in Gujarati films as well, providing music for ten films. His Hindi films included "Gul Sanobar", "Haseena", "Husan Ka Chor", "Road No. 303 ", "Shera Daku" and "Sushma" besides the evergreen "Jai Santoshi Ma". His composition of Ghazal "Be-Murwat Bewafa Mere Qatil Aap Hain" for film "Sushma"; put him in the rank of most talented music directors like Madan Mohan, Khayam and Jaidev, who specialized in genre of Ghazal.

The cool, calm, sober personality of 'C' Arjun, with ever smiling face projected a distinguished lovable figure in the melee of Hindi film world. With his unmatched honesty, sincerity and professional integrity, he was a gem of a man; a blooming lotus in the muddy waters.

'C' Arjun passed away in Mumbai on 30th April 1992.